# عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جا

# پيارا اخلاق

**20-June-2024**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

20 جون، 2024ء(اسلامي تاريخ، 13 ذوالحج، 1445 ھ) تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ عَنہ جا پيارا اخلاق

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

- ... صحابہ جي برائي ڪرڻ جو انجام
- ... اسلام جو خُلق حيا آهي
- ... حساب ۾ آساني جا 3 سبب
- ... قيامت جي ڏينهن معافي ماڻڻ جو نسخو.

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيہ**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

**(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ    (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درود شريف جي فضيلت

پياري آقاءِ مديني واري مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اي انسانو! بيشڪ بروزِ قيامت ان جي دهشتن (يعني گهبراهٽن) ۾ حساب ڪتاب کان جلد نجات ماڻڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن مون تي دُنيا ۾ ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيا هوندا.[1]

دولت جو چاہو دونوں جہاں کی    کر لو وظیفہ نامِ مُحَمَّد

روزِ قیامت میزان وپُل پر    دے گا سہارا نامِ مُحَمَّد

پوچھے گا مولیٰ لایاہے کیا کیا    میں یہ کہوں گا نامِ مُحَمَّد[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْبِ!    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل تَرين عَمل آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! هر جائز ڪم کان پهريان سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت

---

1…جمع الجوامع، جلد:9،صفحہ:129،حديث :27684 ـ

2…جمع الجوامع، جلد:9،صفحہ:129،حديث :27684ـ

3…جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284ـ

بنائڻ گھرجي، چوتہ سني نيت انسان کي جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پھريان بہ سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪريو! ❁ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سچو بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويھندس ❁پنھنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اھو ٻين تائين پھچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گُستاخ جو منھن ڪارو ٿي ويو

**حضرت سعيد بن مسيب** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تابعي بُزرگ آھن يعني سندن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھم جي زيارت ۽ صحبت ماڻي آھي، نھايت نيڪ، عبادت گذار ۽ وليء ڪامل ھئا. حضرت علي بن زيد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ھڪ ڏينھن مون کي سعادت ملي، مان حضرت سعيد بن مُسَيّب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ھڪ شخص جي طرف اشارو ڪندي فرمايو: اي علي بن زيد! ھن شخص جو چھرو تہ ڏسو...!! مون اڳتي وڌي ڏٺو تہ ان شخص جو چھرو بلڪل ڪارو ٿي چڪو ھو. مون (خدا جي خوف کان چيو:) حَسۡبِیَ (يعني مون کي الله ڪافي آھي). حضرت سعيد بن مُسَيّب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ان جو راز ٻڌائيندي فرمايو: ھي شخص مسلمانن جي ٽئين ۽ چوٿين خليفي حضرت عثمان ۽ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُما جي گستاخي ڪندو ھو، مون ان کي منع ڪيو پر ھي باز نہ آيو. پوءِ مون دعا ڪئي: ياالله پاڪ! (جيڪڏھن) ان بدبخت جي گستاخي توکي ناراض ڪري ٿي تہ مون کي ان ۾ ڪا نشاني ڏيکار. سو تڏھن ان جو منھن ڪاري ٿي ويو. (رياض النضرة،٩ـ)

دو جہاں میں دشمنِ عثماں ذلیل و خوار ہے | بعد مرنے کے عذابِ نار کا حقدار ہے[1]

---

[1]...ڪراماتِ عثمان غنی، صفحه:3ـ

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! مسلمانن جا ٽيان خليفہ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ الله ربّ العزت جي بارگاھ ۾ ڪيترو بلند مقام رکن ٿا، سندن گستاخي ربّ قادر ۽ قَيُّوم کي بلڪل پسند ناهي، هي ضروري ناهي تہ حضرت عثمان غني جي گستاخ جي دنياوي سزا سيني تي ظاهر ٿئي، البتہ اهو طئي آهي تہ جيڪو حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ يا صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم جو گستاخ آهي ۽ بغير توبہ ڪرڻ جي انهي حالت ۾ مري وڃي ٿو، تہ آخرت ۾ سخت سزا جو حقدار آهي.

## صحابہ جي برائي ڪرڻ جو انجام

حضرت حسن رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شخص دنيا مان هن حالت ۾ ويو تہ اهو اڳين( صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم ۽ تابعينِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم) کي برو چوندو هو تہ الله پاڪ ان تي هڪ جانور مسلّط ڪري ڇڏيندو، جيڪو ان جو گوشت پٽيندو ۽ اهو ان جو درد قيامت تائين محسوس ڪندو.(1)

اَلْاَمَان وَالْحَفِيظ! پيارا اسلامي ڀائرو! معاذالله! صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي برو چوڻ ڪيتري قدر سخت گناھ آهي جو الله پاڪ ان گناھ جي سبب قيامت تائين جي لاءِ عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو. ياد رکو! صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي برو چوڻ تمام وڏو سخت گناھ ۽ پنهنجي قبر کي جهنم جو کڏو بڻائڻ ۽ جهنم ۾ وڃي وڃڻ وارو ڪم آهي. هي اهي مبارڪ هستيون آهن، جن جي باري ۾ اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَصْحَابِىْ كَالنُّجُوْمِ بِاَيِّهِمُ اقْتَدَيْتُمْ اِهْتَدَيْتُم يعني منهنجا صحابہ تارن جيان آهن تہ توهان انهن

---

1... موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب القبور، جلد:6، صفحہ:84، حدیث:130۔

مان جن جي پيروي ڪندؤ، هدايت ماڻيندؤ. (1)

الله پاڪ اسان کي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم جو ادب ڪرڻ وارو بڻائي. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صلى الله عليه واٰله وسلم

اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا محمد الياس عطّار قادِري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ الله پاڪ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪرڻ سان گڏوگڏ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم ۽ اولياء ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم سان بہ محبت فرمائيندا آهن، جيئن پنهنجي مجموعۂ ڪلام وسائل بخشش ۾ مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي شان بيان ڪندي لکن ٿا:

خدا بھی اور نبی بھی، خود علی بھی اس سے ہیں ناراض
عَدُو اُن کا اُٹھائے گا قیامت میں پریشانی
عَداوت اور کینہ اُن سے جو رکھتا ہے سینے میں
وہی بدبخت ہے ملعون ہے، مردود شیطانی
ہم اُن کی یاد کی دُھومیں مچائیں گے قیامت تک
پڑے ہو جائیں جل کر خاک سب اَعْدائے عثمانی (2)

وضاحت: پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي نياٽي حضرت عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه کان دشمني رکڻ وارن کان ❁ الله پاڪ ❁ ان جا حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ❁ ۽ حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه سڀئي ناراض ۽ بيزار آهن، اهڙو لعنتي شخص قيامت واري ڏينهن تمام گهڻيون پريشانيون ڪٽندو، حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه کان دشمني رکڻ وارا: بدبخت، لعنتي ۽ شيطان جا چيلا آهن، چاهي انهن جا دشمن سڙي خاڪ ٿيندا رهن پر اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ! اسان عاشقانِ صحابہ و اهلِ بيت قيامت تائين سندن

1 ...ڪشف الخفاء، جلد:1، صفحہ:118، حديث:381۔

2 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:584-585۔

ذڪرِ خير جا گيت ڳائيندا رهنداسين.

اللّٰه پاڪ اسان کي صحابہ ۽ اهل بيت جي سچي پڪي محبت نصيب فرمائي، انهن پاڪ هستين جي گستاخي ۽ بي اَدبي کان محفوظ فرمائي، ڪاش! ❁ عشقِ مصطفٰي ❁محبتِ آلِ مصطفيٰ ❁ محبتِ صحابہ ۽ اولياء ۾ جيئڻ، انهيءَ محبت سان قبر ۾ لهڻ، پوءِ انهيءَ محبت سان قيامت جي ڏينهن اٿڻ نصيب ٿي وڃي.

آل و اَصحابِ نبی سب بادشہ ہیں، بادشاہ | میں فقط ادنیٰ گدا اَصحاب و اَہلِ بیت کا

فضلِ رَبّ سے دوجہاں میں کامیابی پائے گا | دِل سے جو شیدا ہوا اَصحاب و اَہلِ بیت کا

جینا مرنا اُن کی اُلفت میں ہو یارَبّ! اور ہو | قُرب جنّت میں عطا اَصحاب و اَہلِ بیت کا

یااِلٰہی! شکریہ عطّاؔر کو تُو نے کیا | شعر گو، مِدحَت سَرا اَصحاب و اَہلِ بیت کا[1]

اچو ملي ڪري نعرا لڳايون ٿا:

هر صحابیِ نبی! جنّتی جنّتی
سب صحابیات بھی! جنّتی جنّتی
چار یارِ نبی! جنّتی جنّتی
حضرت صدیق بھی! جنّتی جنّتی
اور عمرفاروق بھی! جنّتی جنّتی
عثمان غنی! جنّتی جنّتی

1…وسائلِ فردوس، صفحہ:35و36 ملتقطًا۔

فاطمہ اور علی! جنّتی جنّتی
ہیں حسن حسین بھی! جنّتی جنّتی

والدینِ نبی! جنّتی جنّتی
ہر زوجۂ نبی! جنّتی جنّتی
اور ابوسُفیان بھی! جنّتی جنّتی
ہیں معاویہ بھی! جنّتی جنّتی [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ صحابي رسول آهن، ❁ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پڦي جان حضرت اُمِّ حڪيم جا ڏوهٽا آهن يا ايئن ڪٺي چئو ته هڪ طرح جي رشتي جي اعتبار سان مالڪ جنت، قاسم نعمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا ڀاڻيجا آهن، ❁ سابقين اَوّلين مان آهن يعني ابتدائي ۾ اسلام قبول ڪري دائرهٔ اسلام ۾ داخل ٿي ويا هئا، اسلام قبول ڪرڻ ۾ سندن چوٿون يا پنجون نمبر آهي. ❁ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ عشرهٔ مبشره (يعني انهن 10 صحابي سڳورن رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُم مان آهن جن کي رسول اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ دنيا ئي ۾ خصوصيت سان جنّت جي بشارت ڏني هئي) ❁ سرڪار اعظم، رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن کي حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان ايترو ته پيار هو جو پاڻ سڳورن پنهنجي 2 شهزادين جو هڪ هڪ ڪري حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سان نڪاح ڪرايو.[2] اعلٰي حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ انهيءَ طرف اشارو ڪندي فرمائن ٿا:

---

1 ...وسائل فردوس، صفحه:53.
2 نزہة القاری، جلد:1، صفحه:544، خلاصةً.

نُور کی سرکار سے پایا دوشالہ نُور کا | ہو مُبارک تُم کو ذُو النُّورین جوڑا نُور کا[1]

۞ حديث شريف ۾ آهي: الله پاڪ مون کي وحي فرمائي تہ مان پنهنجي ٻنهي ڌيئرن جو نڪاح عثمان سان ڪيان.[2] ۞ هڪ حديث شريف ۾ فرمايائون: جيڪڏهن منهنجون 100 ڌيئرون بہ هجن ها، انهن مان هڪ جي وفات ٿي وڃي ها تہ مان ٻي عثمان جي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏيان ها، ان جو انتقال ٿي وڃي ها تہ مان ٽئين عثمان جي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏيان ها، ايستائين جو مان پنهنجون 100 ئي شهزاديون هڪ هڪ ڪري عثمان جي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏيان ها.[3] ۞ مولاءِ ڪائنات، موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي باري ۾ سوال ٿيو تہ فرمايائون: عثمان اهي آهن جو انهن کي ملائڪ **ذُوالنُّوْرَيْن** چوندا آهن، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جا نياڻا آهن، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کين جنت جي خوشخبري ڏني.[4]

نبی کے نور دو لے کر وہ ذُو النُّورین کہلائے | انہیں حاصل ہوئی یوں قربتِ محبوبِ رحمانی[5]

۞اسلام جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي شهادت کان بعد مسلمانن جي ڪثرت راءِ سان حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ خليفا مقرر ٿيا، 40 ڏينهن جي سخت محاصري(گهيري) کان بعد 18 ذُوالحِجَّۃ 35ھ تي نهايت مظلوميت سان شهيد ڪيا ويا.[6]

---

1 ...حدائقِ بخشش، صفحہ:246۔
2 معجمِ الاوسط، جلد:2، صفحہ:346، حدیث:3501۔
3 کنزُ العُمال، کتاب:الفضائل، جلد:7، جُز:13، صفحہ:21، حدیث:36201۔
4 ...معرفۃ الصحابہ، رقم:3، معرفۃ عثمان بن عفان، معرفۃ انہ کام ...الخ، جلد:1، صفحہ:83، حدیث:240۔
5 ...وسائل بخشش، صفحہ:584۔
6 ...نزہۃ القاری، جلد:1، صفحہ:544۔کراماتِ عثمان غنی، صفحہ:3۔

## حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ چڱي اخلاق وارا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! صحابيءِ رسول حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ نهايت بلند رتبي وارا آهن، سندن بلند شان مان هڪ شان هي بہ آهي تہ رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اخلاق جيان اعليٰ اخلاق وارو فرمايو آهي. صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي: شهزاديءِ مصطفيٰ حضرت رُقَيّہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْها جيڪا حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي زوجہ محترمہ آهي، هڪ ڏينهن سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سندن گهر تشريف کڻي ويا، پياري نبي رسول هاشمي صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي شهزادي کي فرمايو: ڌيءَ! تو اَبُوعبدالله(يعني عثمان غني) کي ڪيئن ڏٺو؟ عرض ڪيائون: هو بهترين انسان آهن. فرماياٸون: اَکْرِمِیْهِ فَاِنَّهٗ مِنْ اَشْبَهِ اَصْحَابِیْ بِیْ خُلُقًا يعني ڌيءَ! عثمان جي عزّت ڪيو! بيشڪ هو اخلاق ۾ مون سان مشابهت رکڻ وارا صحابي آهن. (1)

## ڌيئرن کي مڙس جي عزت ڪرڻ سيکاريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ مان اسان کي 2 ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون: (1) پهرين ڳالهہ تہ هي ڏسو! تہ سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي صاحبزادي کي مڙس جي عزّت ڪرڻ سيکاري، فرماياٸون: اَکْرِمِیْهِ ڌيءَ! پنهنجي مڙس(عثمان غني) جي عزت ڪنديون ڪيو!

هن مان خبر پئي تہ جيڪي ڌيئرن وارا آهن ۽ ڌيئرون الله پاڪ جي ڪرم سان پنهنجي گهرن جون ٿي چڪيون آهن، انهن کي گهرجي تہ پنهنجي ڌيئرن کي مڙس جي عزت ڪرڻ سيکارين، انهن کي تلقين ڪن، انهن کي مڙس جي اهميت ۽ فضيلت ٻڌائين. اسلام ۾ مڙس جا ڪوڙ حق رکيا ويا آهن، سرڪار

---

[1]... معجم الكبير، صفة عثمان بن عفان رَضِیَ اللہُ عنہ، جلد:1 صفحہ:42، حديث:97 ـ

عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ۞ عورت تي سيني انسانن کان وڌيڪ سندس مڙس جا حق آهن ۽ مرد تي سندس ماءُ جا.[(1)] ۞جيڪڏهن مان ڪنهن کي حڪم ڏيان ها ته غيرِخدا کي سجدو ڪري ته عورت کي حڪم ڏيان ها ته پنهنجي مڙس کي سجدو ڪري، ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ محمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ) جي جان آهي. عورت پنهنجي پروردگار جو حق ادا نه ڪندي جيستائين مڙس جا سمورا حق ادا نه ڪري.[(2)] عورت ايمان جي لذت نه ماڻيندي، جيستائين مڙس جا حق ادا نه ڪري.[(3)]

اندازو لڳايو! هي مڙس جا حقوق آهن، جيڪي اسان جي آقا ۽ مولىٰ، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيان فرمايا آهن، هي حقوق پنهنجي شادي شده ڌيئرن کي ۽ جن جي شادي ويجهو آهي، انهن کي سيکاريو. افسوس! ۞اَڄ مُعاشري ۾ طلاقون وڌي رهيون آهن ۞ مغربي ثقافت کي اسان جو مُعاشرو تيزي سان اپنائي رهيو آهي. ۞ باقاعده منصوبي سان عورتن کي سندن مڙسن کان باغي بڻايو پيو وڃي ۽ نتيجي ۾ خانداني نظام درهم برهم ٿي رهيو آهي، اسان کي هن ڳالهه جو احساس ڪرڻ گهرجي، افسوس جي ڳالهه آهي! ۞اَڄ جيڪڏهن ڪا ڌيءَ مائٽن ۾ اچي پنهنجي ساهرن ۽ مڙس جي برائي ڪندي آهي، انهن جي غيبت ڪندي آهي ته ان کي روڪيو ناهي ويندو بلڪ ان کي ويتر پڙڪايو ويندو آهي، هي انتهائي افسوس واري صورتحال آهي، انهن سببن جي ڪري ۞خاندانن جا خاندان تباهه ٿي رهيا آهن ۞ ٻارن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي، اسان کي سمجهڻ گهرجي، خاص ڪري جيڪي ڌيئرن جا والدين آهن، انهن کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن مُبارڪ انداز مان سبق وٺڻ گهرجي.

---

[1]…مستدرك، كتاب البر والصلة، اعظم الناس حقا...الخ، جلد:5، صفحه:244، حديث:7418۔

[2]…ابن ماجه ، كتاب النكاح، باب حق الزوج على المراة، صفحه:297، حديث:1853۔

[3]… مستدرك، كتاب البر والصلة، حق الزوج على الزوجة، جلد:5، صفحه:240، حديث:7405۔

## اميراهل سُنت جي پنهنجي شهزاديءَ کي نصيحت

اَلحَمدُلِله! عاشقِ سُنت امير اهل سُنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ، نُورِخُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَدائن کي اپنائڻ وارا آهن، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي شهزادي کي جيڪي نصيحتون فرمايون، انهن مان ڪجھ نصيحتون هي بہ آهن، فرمايائون: (1) مڙس جي طرفان ملڻ وارو هر حڪم جيڪو شريعت جي خلاف نہ هجي، بجا آڻڻ ضروري آهي. (2) پنهنجي مڙس ۽ سَس جو بيهي ڪري استقبال ڪيو ۽ بيهي ڪري ئي رخصت بہ ڪيو. (3) پنهنجي لاءِ ڪنهن قسم جو سُوال پنهنجي مڙس کان ڪري ان تي بوجھ نہ ٺئجانءِ. ها جيڪڏهن هُو مقرر ڪيل حق ادا نہ ڪري تہ گُهري سگهو ٿيون.[1]

## اميراهل سُنت جون گهوٽ ڪنوار کي نصيحتون

ان سان گڏو گڏ امير اهلسنت گهوٽ ڪنوار کي بہ پنهنجي پياري پياري نصيحتن سان نوازيو آهي جيڪي يقيناً خوشگوار ازدواجي زندگي لاءِ تمام ضروري آهن، جيئن گهوٽ کي نصيحت ڪندي فرمايو: ❁ زال جي بري اخلاق تي صبر ڪيو ❁ اهل و عيال کي ضروري علمِ دين سيکاريو. ❁ زال کي بي پردگي کان بچايو ❁ نرمي اختيار ڪيو ❁ سَس نُنهن جي جهيڳڙي ۾ انصاف سان ڪم وٺو[2]

ڪنوار کي نصيحت ڪندي فرمايو: سَس ۽ نڻان سان نہ الجهو ❁ سَس کي پنهنجي ماءُ تصور ڪيو ❁ ڪنهن قسم جي بدسلوڪي تي صبر سان، حڪمتِ عملي سان ان جو حل ڪيو ❁ نرمي اختيار ڪيو ❁ ڪنهن جي ڪاوڙ ٻارن تي نہ ڪڍو ❁ ساهُرن جي حق ۾ دعا ڪنديون رهو ❁ شرعي پردي جو اهتمام

---

[1]... صحابیات اور نصیحتوں کے مدنی پھول، صفحہ:116و 117 خلاصۃً۔

[2]...تذکرہ امیر اہلسنّت قسط:3، سنّت نکاح ، صفحہ:53 تا57 ملتقطاً بتصرف۔

ڪيو ﷺ خاموشي جي عادت بڻايو. [1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪيترين پياريون پياريون نصيحتون آهن، مڪتبة المدينہ جو رسالو آهي: **سُنّت نڪاح**. هن رسالي ۾ اهڙي طرح جون ٻيون بہ ڪوڙ نصيحتون موجود آهن، مشورو آهي تہ هي رسالو اوهان پاڻ بہ ضرور پڙهو! ۽ جيڪڏهن شادي شده اولاد آهي تہ انهن کي بہ لازمي پڙهايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ! گهر اَمن جو گهوارو بڻجي ويندو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

## (2) عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جا پيارا اخلاق

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان حديث شريف ٻُڌي، پياري آقا، مڪي مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي شان بيان ڪندي فرمايو: اِنَّهٗ مِنْ اَشْبَهِ اَصْحَابِيْ بِيْ خُلُقًا **بيشڪ عثمان اخلاق ۾ مون سان مشابهت رکڻ وارا صحابي آهن.**

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪيتري پياري فضيلت آهي.....!! عظيم اخلاق وارا رسول، رسولِ مَقْبُول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اخلاق ڪهڙا آهن؟ الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ۝ (پاره:29، القلم:4) | ترجموڪنزالايمان: ۽ بيشڪ تون نهايت عظيم اخلاق جو مالڪ آهين. |

سُبْحٰنَ اللّٰه! هي عظيم اخلاق جيڪي ربّ ڪريم پنهنجي محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا فرمايا آهن، حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه انهن پاڪيزه اخلاق مان تمام وڏو حصّو ماڻڻ وارا صحابي آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جا پيارا وصف ۽ پاڪيزه اخلاق ڪهڙا هئا؟ اچو! ڪجهہ ٻڌون ٿا:

---

[1]...تذڪره امير اہلسنّت قسط:3، سنّت نڪاح ، صفحہ:62، 63 ملتقطاً بتصرف۔

## (٦) عثمان غني مضبوط ايمان وارا آهن

حضرت ثابت بن عبدُالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ شير خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي خِدمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: اي اميرالمؤمنين! مان مديني شريف واپس وڃي رهيو آهيان، اُتان جا ماڻهو مون سان حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي باري ۾ پڇي رهيا هئا، انهن کي ڇا جواب ڏيان؟ فرمايائون: انهن کي ٻڌايو ته هي آيتِ ڪريمه حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه تي مڪمل صادق اچي ٿي. (آيت ڪهڙي آهي؟ سيپارو: 7، سورت مائده جي هي آيت):(1)

| | |
|---|---|
| اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاَحْسَنُوْا ؕ وَاللّٰهُ یُحِبُّ الْمُحْسِنِیْنَ۠ ﴿۹۳﴾ (پاره:7، المائدة:93) | ترجموڪنزالعرفان: ايمان رکن ۽ چڱا عمل ڪن پوءِ ڊڄن ۽ ايمان رکن وري ڊڄن ۽ نيڪيون ڪن ۽ الله نيڪي ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آهي. |

يعني اي سوال ڪرڻ وارا: جڏهن توهان مديني پهچو ته اُتي جي ماڻهن کي ٻڌائجو ته عثمان اهي عظيم الشان آهن ❁ جن ايمان قبول ڪيو ❁ نيڪ اعمال ڪيا ❁ سڄي زندگي ايمان تي ثابت قدم رهيا ❁ سڄي زندگي تقوا اپنائيندا رهيا ❁ الله پاڪ کان ڊڄندا رهيا ❁ سندن اهڙا نيڪوڪار آهن جن سان الله پاڪ محبت فرمائي ٿو.

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو، حضرت عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه ايمان ۽ تقوا تي هميشه ثابت قدم رهڻ وارا خوش نصيب آهن.

## مان دينِ اسلام کي هرگز نه ڇڏيندس

ڪتابن ۾ لکيل آهي: جڏهن حضرت عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه ايمان قبول ڪيو ته سندن چاچي حَڪم بن اَبي عاص کيس رسين سان ٻڌي ڪري ڇيو: جيستائين

[1]…تفسير درمنثور، پاره:7، سورهٔ مائده، زير آيت:93،جلد:3، صفحه:174۔

تون اسلام کان ڦري نہ ويندين، مان توکي هرگز نہ کوليندس. اَسْتَغْفِرُ اللهَ! (اُن ڪيترائي ڏينهن ڪيس ايئن ئي تڪليف پهچائي پر) حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْه جي زبان پاڪ تي صرف هڪ ئي ڳالھ هئي: **خدا جو قسم! هن پاڪيزه دين کي هرگز نہ ڇڏيندس.**

آخر اهو ئي ٿيو، حق کٽي ويو، باطل هارجي ويو، حَڪم بن اَبي عاص جڏهن حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْه جي ايمان تي استقامت ڏٺي تہ هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيائين، آخرڪار ان سندن کي قيد کان آزاد ڪري ڇڏيو.(1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! دين تي ڪيتري اِستقامت آهي. انتهائي مضبوط ترين ايمان هجڻ اسان جي آقا ۽ مولیٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پيارو وصف آهي، دنيا ۾ ڪو اهڙو نہ آهي، نہ هو، نہ ڪڏهن ٿيندو جنهن جو ايمان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جهڙو هجي، اَلحَمْدُلله! حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْه کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن پاڪيزه وصف جو فيضان نصيب هو.

ڪاش! اسان کي بہ دين تي، اسلام تي، ايمان تي استقامت ملندي رهي، ڪاش! پنهنجي ايمان جي حفاظت جي سوچ حقيقي معنيٰ ۾ نصيب ٿي وڃي. افسوس! هن دور ۾ ايمان بچائڻ ڏاڍو مشڪل ٿي ويو آهي، علمِ دين جي اهڙي ڪمي آهي جو الله پاڪ جي پناهہ...! ۞ ڪيترائي اهڙا آهن جيڪي گانا ڳائي رهيا آهن، گانا ٻڌي رهيا آهن، جهومي رهيا آهن، حالانڪ هن گاني ۾ ڪفريہ شعر آهن ۽ انهن کي ان جي ڪابہ خبر ئي ناهي، اهي رڳو پنهنجي مستي ۾ مست ٿي ڳائي رهيا هوندا آهن ۽ وڏي مزي سان ٻڌي رهيا هوندا آهن.

هونئن بہ گانن ۾ ڪفريہ ڪلمات نہ بہ هجن تڏهن بہ گانا ٻڌڻ، ٻڌائڻ شيطاني ڪم آهي ۽ ان جو ايترو تہ سخت عذاب آهي جو برداشت نہ ٿي سگهندو.

---

[1]... طبقات ابن سعد،رقم: 14، عثمان بن عفان، ذکر اسلام عثمان بن عفان، جلد:3، صفحہ:40۔

روايت جي مطابق جيڪو ڳانا ٻڌندو آهي، قيامت جي ڏينهن ان جي ڪنن ۾ پگهريل سيهو وڌو ويندو. [1]

۞ بعض اوقات مصيبت ايندي آهي، پريشاني ايندي آهي، جوان موت ٿي وڃي، اوچتو حادثو ٿي وڃي ته ماڻهو شڪوا شڪايت ڪندا آهن، ڪجهه نادان ته مَعَاذَالله(الله پاڪ جي پناهه) ڪفريه جملا به بڪي ويندا هوندا ۽ ديني معلومات جي ڪمي جي ڪري انهن کي هن ڳالهه جي خبر ئي ناهي هوندي ته هي ڪفريو جملو آهي جيڪو دائرهءِ اسلام کان خارج ڪري ڇڏيندو آهي. ۞ ڪجهه نادان غيرمسلمن جا طور طريقا اپنائيندا آهن، انهن جي مذهبي تهوارن ۾ شامل ٿيندا آهن، ڪو دنياوي مفاد هوندو آهي، لالچ هوندي آهي، پيسن جي لالچ هوندي آهي ۽ ان چڪر ۾ مَعَاذَالله! ايمان جي طرف توجهه ناهي هوندي، الله پاڪ جي ناراضگي جو خيال ناهي هوندو، خوفِ خدا جي ڪمي هوندي آهي، عشق رسول جي ڪمي هوندي آهي ۽ ايئن اهي غير مسلمن جي صحبت جي ڪري، سندن مذهبي تهوارن ۾ شريڪ ٿي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ايمان جو سودو ڪري چڪا هوندا آهن، ڪفر جي اونداهه کوهه ۾ ڪِري چڪا هوندا آهن ۽ انهن کي پنهنجي ايمان جي دولت کسجي وڃڻ جو احساس تائين ناهي هوندو.

الله پاڪ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جي صدقي اسان کي به پختو ۽ مضبوط ايمان عطا فرمائي.

مسلماں ہے عطار تیری عطا سے | ہو ایمان پر خاتمہ یا الٰہی [2]

امير اهل سُنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي هڪ زبردست ۽ پنهنجي موضوع تي ناياب ڪتاب آهي: **ڪفريا ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب.** اردو زبان ۾ هن موضوع تي ايتري تفصيلي ڪتاب ملڻ نهايت مشڪل آهي. هي ڪتاب هر گهر بلڪ هر فرد جي ضرورت آهي. صرف 675

[1]…جمع الجوامع، حرف الميم، جلد:7، صفحه:254، حديث:22843۔

[2]…وسائل بخشش، صفحه:105۔

صفحا آهن ۽ ان ۾ ڪفريا ڪلمات جي باري ۾ اهڙي تہ معلومات آهي جو جيڪو پڙهندو آهي اهو ئي ڄاڻندو آهي. اَج ئي مڪتبة المدينہ تان هديو ڏئي هي ڪتاب طلب فرمايو، چاهيو تہ دعوت اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري وٺو. پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ هن ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2) عثمان غني حيا وارا آهن

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي پيارن پيارن اخلاقن مان هڪ پيارو اخلاق حيا بہ آهي. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اُمَّت مان سڀني کان وڌيڪ حيادار آهن. جي ها! حديثِ پاڪ ۾ آهي: حيا ايمان مان آهي ۽ عثمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ منهنجي اُمَّت ۾ سڀني کان وڌيڪ حيا ڪرڻ وارا آهن. (1)

يا الٰہی! دے ہمیں بھی،دولتِ شرم و حیا | حضرتِ عثماں غنی، با حیا کے واسطے

## ملائڪ انهن کان حيا ڪندا آهن

**مسلمانن جي پياري** امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ طيّبہ طاهره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا فرمائن ٿيون: هڪ ڀيرو نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما هئا، سندن پيڊي مبارڪ تان ڪپڙو هٽيل هو، ان دوران حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حاضر ٿيا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ انهيءَ طرح تشريف فرما رهيا، پوءِ حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حاضر ٿيا، پاڻ انهيءَ طرح تشريف فرما رهيا، پوءِ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حاضر ٿيا تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي پيڊي مبارڪ کي ڍڪي ڇڏيو، سيّده عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا فرمائن ٿيون: انهن

---

[1]… (اَلْجامِعُ الصَّغِير لِلسُّيُوْطی ص۲۳۵حديث ۳۸۶۹دار الکتب العلمية بيروت)۔

جي واپس وڃڻ کان پوءِ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! منھنجا والدِ محترم آيا، اوھان اھڙي طرح اھتمام نہ فرمايو، عمر حاضر ٿيا، اوھان پوءِ بہ اھڙي ئي طرح تشريف فرما رھيا، جڏھن عثمان آيا تہ اوھان پيڏي مبارڪ ڍڪي ڇڏي، ان ۾ ڪھڙي حڪمت آھي؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلَا اَسۡتَحۡيِيۡ مِنۡ رَجُلٍ تَسۡتَحۡيِ مِنۡهُ الۡمَلَائِكَةُ ڇا مان ان شخص کان حياء نہ ڪيان! جنھن کان ملائڪ بہ حياء ڪن ٿا.[1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ھي آھن حضرت عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه...!! پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه ايترا تہ باحياء ھئا جو ملائڪ بہ ڪائنس حياء ڪندا ھئا.

الله پاڪ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه جي صدقي اسان کي بہ حياء جي دولت نصيب فرمائي.

## پلائي چار شين ۾ آھي

مسلمانن جا ٽيان خليفہ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه فرمائن ٿا: پلائي چار شين ۾ آھي: (1) نفلَ پڙھي ڪري الله پاڪ کان محبت جو اظھار ڪرڻ ۾ (2) الله پاڪ جي احڪامن تي صبر کان ڪم وٺڻ ۾ (3) الله پاڪ جي تقدير تي راضي رھڻ ۾ (4) ءِ الله پاڪ ڏسي رھيو آھي، تنھنڪري ان کان حياء ڪرڻ ۾.[2]

## اسلام جو خُلق حيا آھي

ابن ماجہ جي حديث پاڪ ۾ آھي: بيشڪ ھر دين جو ھڪ خُلق آھي ءِ اسلام جو خلق حياء آھي.[3] يعني ھر امت جي ڪا نہ ڪا خاص خصلت ءِ عادت ھوندي آھي جيڪا بين خصلتن تي غالب ٿيندي آھي ءِ اسلام جي اھا خصلت حياء آھي.

---

1...((رياض النضره) ۔

2...اللمع فی تاريخ التصوف الاسلام،باب فی ذکر عثمان رَضِیَ اللہُ عنہ، صفحہ:178۔

3...ابن ماجہ، کتاب الزہد، باب الحياء، صفحہ:679، حديث:4181۔

## حياء جو ماحول سان تعلق

پيارا اسلامي ڀائرو! حياء جي نشونماء ۾ ماحول ۽ تربيت جو تمام گهڻو عمل دخل هوندو آهي. حيادار ماحول ملڻ جي صورت ۾ حياء ويتر وڌندي آهي جڏهن تہ بي حياء ماڻهن جي صحبت دل ۽ نگاھ جي پاڪيزگي کسي بي شرم ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ڀانهو بيشمار غير اخلاقي ۽ ناجائز ڪمن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي انهيءَ ڪري جو حياء ئي تہ هئي جيڪا برائين ۽ گناهن کان روڪيندي هئي. جڏهن حياء ئي نہ رهي تہ هاڻي برائي ڪير روڪي؟ ڪيئي ماڻهو اهڙا هوندا جيڪي بدنامي جي خوف سبب شرمائي برائيون ناهن ڪندا پر جن کي نيڪ نامي ۽ بدنامي جي پرواھ ناهي هوندي اهڙا بي حياء ماڻهو هر گناھ ڪري ويهندا، اخلاقيات جون حدون اورانگهي بداخلاقي جي ميدان ۾ لهي پوندا آهن ۽ انسانيت کان بہ ڪريل ڪم ڪرڻ ۾ بہ شرم محسوس ناهن ڪندا. اي عاشقانِ رسول! حياء جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَڪَاتُهمُ الْعَالِيہ جو بهترين رسالو باحياء نوجوان مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪري پڙهو! ۽ ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو اِنْ شَآءَ الله! حياء جو دور اچي ويندو. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

يا الٰہی! دے ہمیں بھی دولتِ شرم و حیا | حضرتِ عثماں غنی با حیا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيقرار رهڻ

حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه بيمار ٿي پيا، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي ساڻ وٺي سندن تيمار داري جي لاءِ تشريف وٺي ويا

تہ ڏنائون تہ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ چهرو زمين ڏانهن ڪري ليٽيل هئا، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: عثمان! ڇا ٿيو، پنهنجو مٿو مٿي ڇو نٿا ڪڍو؟ عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! مون کي الله پاڪ کان حياءُ اچي ٿو. سرڪارِ عالي، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇو حياءُ اچي ٿو؟ عرض ڪيائين: يارَسُول الله صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ! مان ڊڄان ٿو تہ ڪٿي منهنجو ربّ ڪريم مون کان ناراض نہ ٿي ويو هجي...!! [1]

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول ! **حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪو گُنَاهُ جو ڪم نہ ڪيو هو، الله پاڪ جي ناراضي وارو ڪو ڪم نہ ٿيو هو، پر جيڪو سچو عاشِق هوندو آهي، ان کي بَس هر وقت اهو خوف رهندو آهي تہ ڪٿي منهنجو محبوب مون کان ناراض نہ ٿي وڃي، **حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي بہ اهڙي طرح خوف هو، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ زمين ڏانهن چهرو ڪري سٽل هئا، مٿو مٿي نہ ڪنيائون، ڇڻ پنهنجي طَور تي شرمساري جو اِظهار ڪري رهيا هئا تہ افسوس! منهنجو رَبّ مون کان ناراض تہ نہ ٿي ويو. جڏهن سلطانِ انبياء، محبوبِ خُدا صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي پياري صحابي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ڳالهہ ٻُڌي تہ فرمايائون: عثمان! هي جبريل عَلَيہ السَّلَام آهي، مون کي خبر ڏئي رهيو آهي تہ توهان آسمان وارن جا ۽ زمين وارن جا نُور ۽ جنّت وارن جا چراغ آهيو. [2]

جو دِل کو ضیا دے جو مقدر کو جِلا دے | وہ جلوۂ دیدار ہے عثمانِ غنی کا
جس آئینہ میں نُورِ اِلٰہی نظر آئے | وہ آئینہ رُخسار ہے عثمان غنی کا [3]

---

[1]...رياض النضرة، الباب:الثالث، فصل:السادس، جز:3، صفحه:20-

[2]...رياض النضرة، الباب:الثالث، فصل:السادس، جز:3، صفحه:20-

[3]...ذوقِ نعمت، صفحه:81-

كاش! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي صدقي ۾ اسان کي بہ توفيق ملي وڃي، اسان بہ الله پاڪ جي رِضا جا تمنائي ٿي وڃون. افسوس! اسان کي دُنيا جي ڳڻتي رهندي آهي، ڪاروبار جو فِڪر، نوڪري جو فِڪر، پيسن جو فِڪر، امتحانن جو فِڪر، ڪائڻ جو فِڪر، پيئڻ جو فِڪر، پائڻ جو فِڪر، بَس هر وقت دُنيا ئي جا فِڪر، انهن ۾ جڪڙيل رهون ٿا، ناهي هوندو تہ بس جنّت ۾ وڃڻ جو فڪر ناهي هوندو، جهنّم کان بچڻ جو فِڪر ناهي هوندو، اِيمان بچائڻ جو فِڪر ناهي هوندو، اللّٰه پاڪ کي راضِي ڪرڻ جو فِڪر ناهي هوندو، ڪاش! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي صدقي محبتِ اِلٰهي نصيب ٿي وڃي، اسان بہ اللّٰه پاڪ کي راضِي ڪرڻ ۽ ان جي ناراضي کان بچڻ جي لاءِ فِڪر مند رهڻ وارا بڻجي وڃون.

مُعاف فضل و کرم سے ہو ہر خطا یارَبّ | ہو مَغفِرت پئے سلطانِ انبیاء یارَبّ!
نبی کا صدقہ سدا کے لئے تُو راضی ہو | کبھی بھی ہونا نہ ناراض یاخُدا یارَبّ![1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3) دنيا ڪان بي رغبتي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري نبي، رسول هاشميصَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پاڪيزه اخلاق مان آهي تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻنهي جهانن جا مالڪ آهن، ربّ رحمٰن کين مالِڪ ڪُل بڻايو آهي، ان جي باوجود پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ دنيا کان بي رغبتي رکندا هئا.

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي سيرت ۾ بہ هي پيارو خُلق نظر اچي ٿو ❁سندن غني هئا ❁ مالدار هئا، ❁ ربّ ڪريم کين تمام گهڻو مال عطا فرمايو هو، ان جي باوجود ❁ سندن دنيا کان بي رغبتي رکندا هئا، ❁ دنيا جي مَحبت

[1]...تعارف امير اہلسنت، صفحہ:28۔

دل ۾ اچڻ نہ ڏيندا هئا ۞ مالدار هجڻ جي باوجود عيش ۽ عشرت واري زندگي نہ گذاريندا هئا. سادو لباس پائيندا هئا، مهانگيون مهانگيون شيون پنهنجي ذات جي لاءِ گهٽ استعمال كندا هئا، كتابن ۾ لكيل آهي: جنهن وقت پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ خليفہ هئا تہ ماڻهن كي تمام اعليٰ قسم جو كاڌو كارائيندا هئا، پوءِ سندن گهر اچي سركي ۽ زيتون سان سادي ماني كائيندا هئا. (1)

سُبْحٰنَ اللّٰه! كهڙي نرالي ڳالهہ آهي...!!انسان مالدار هجي، وڏو كاروبار هجي، هزارن لكن ۾ آمدني هجي، پوءِ بہ انسان سادي زندگي گذاري، مالدار هجڻ جي باوجود دنيا جي محبت دل ۾ نہ اچڻ ڏي، هي كمال جي ڳالهہ آهي، نهايت كمال جي ڳالهہ آهي. اسان وٽ اُلٽو نظام آهي، ماڻهو پنهنجي لاءِ بهترين كان بهترين شيون خريد كندا آهن، اعليٰ كان اعليٰ كاڌا كائيندا آهن پر جڏهن غريبن كي ڏيڻ جي واري ايندي آهي تہ سستيون شيون، بيكار شيون، گهٽ معيار واريون شيون غريبن كي ڏيندا آهن، بلك استعمال ٿيل شيون بہ غريبن كي ڏئي ڇڏيندا آهن.

هي بہ غنيمت آهي، غريبن جي مدد كرڻ جو ذهن تہ آهي، كجهہ مدد تہ كن ٿا پر ان كان اعليٰ درجي تي وڃڻ گهرجي، جيئن دنياوي معاملن ۾ اڳتي وڌڻ جي خواهش هوندي آهي. ائين ئي نيكين جي معاملن ۾ بہ اڳئين كان اڳئين درجي تي وڃڻ جي تمنا هئڻ گهرجي، غريبن كي ڏيو، ضرور ڏيو، انهن كي كارايو، ضرور كارايو پر پنهنجي طاقت مطابق بهترين شيون ڏيو، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جي تہ اها شان هئي تہ ٻين كي بهترين كارائيندا هئا، پاڻ سادو كائيندا هئا. هلو! اسان گهٽ ۾ گهٽ ايترو تہ كريون تہ جيكو پاڻ كائون ٿا، اهوئي غريبن كي بہ كارايون، جيكو پاڻ پايون ٿا، اهوئي غريبن

---

1...(زہد لامام احمد) ۔

ڪي به ڏيون، جيڪا ڪوالٽي پنهنجي لاءِ پسند ڪندا آهيون، اهائي ڪوالٽي غريبن لاءِ به پسند ڪيون. الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْفِقُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ<br>(پاره:3، البقره:267) | ترجمو ڪنزالعرفان :اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڪ ڪمائين مان (الله جي واٽ ۾) ڪجھ خرچ ڪيو. |

ڏسو! الله پاڪ پاڪيزه ڪمائي راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. پوءِ فرمايائون:

| | |
|---|---|
| وَ لَا تَيَمَّمُوا الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَ لَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ اِلَّاۤ اَنْ تُغْمِضُوْا فِيْهِ ؕ<br>(پاره:3، البقره:267) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ خرچ ڪندي خاص ناقص مال (ڏيڻ) جو ارادو نه ڪيو حالانڪ (جيڪڏهن اهو ئي توهان کي ڏنو وڃي ته) توهان ان کي چشم پوشي ڪندي بغير قبول نه ڪندؤ. |

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: ڪجھ ماڻهو صدقي ۾ خراب مال ڏيندا هئا، انهن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي ۽ چيو ويو ته الله پاڪ جي راهه ۾ پنهنجو ڪمايل پاڪيزه ۽ صاف سٿرو مال ڏيو ۽ الله پاڪ جي راهه ۾ ناقص، گھٽيا ۽ بيڪار مال نه ڏيو. جڏهن توهان الله پاڪ کان سٺي جزا چاهيو ٿا ته سندس راهه ۾ مال به اعليٰ درجي جو ڏيو. غور ڪيو ته جهڙي طرح گھٽيا مال توهان الله جي راهه ۾ ڏيندا آهيو، جيڪڏهن اهوئي مال توهان کي ڏنو وڃي ته ڇا توهان قبول ڪندؤ! پهرين ته قبول نه ڪندؤ ۽ جيڪڏهن قبول ڪري به ورتو ته ڪڏهن خوشدلي سان نه وٺندؤ بلڪ دل ۾ برو ڄاڻيندي ئي وٺندؤ. ته جڏهن پنهنجي لاءِ سٺو وٺڻ جو سوچيو ٿا ته الله جي راهه ۾ خرچ ڪئي ويندڙ شيءِ جي باري ۾ به سٺو ئي سوچو.[1]

الله پاڪ اسان کي اهڙي توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! دل مان دنيا جي محبت

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:3، سورة بقرة، زير آيت:267، جلد:1، صفحه:404-

نڪري وڃي، الله ﷻ رسول کي راضي ڪرڻ، جنت ماڻڻ ۽ قبر روشن ڪرائڻ جو شوق اسان کي نصيب ٿي وڃي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ معاف ڪرڻ وارا آهن

اسان جي پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پاڪيزه اخلاق مان تمام پيارو خلق آهي تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تمام گهڻو معاف فرمائڻ وارا هئا، دشمنن کي بہ دعائن سان نوازيندا هئا، شاعر چئي ٿو:

سلام اُس پر کہ جس نے خُوں کے پیاسوں کو قبائیں دیں
سلام اُس پر کہ جس نے گالیاں سُن کر دُعائیں دیں

وضاحت: يعني اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اهي عظيم اخلاق وارا آهن جيڪي سندن رت جي اُڃارن کي بہ نوازيندا هئا، جيڪي سندن باري ۾ غلط ڳالهائيندا هئا انهن کي بہ دعائون ڏيندا هئا، ايتري عظيم نبي، اهڙي بي مثال رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي سلام هجي...!!

اَلْحَمْدُلِلّٰہ! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جن کي بہ ان پياري خُلق جو حصّو نصيب ٿيو هو. حضرت عمران بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عنہ صبح جي وقت مسجد ۾ آيا، ان ئي دروازي کان داخل ٿيا جنهن مان پاڻ هر روز مسجد ۾ داخل ٿيندا هئا، اُن ڏينهن بہ انهي دروازي کان داخل ٿيا، جڏهن دروازو کوليائون تہ محسوس ٿيو تہ ان جي پنيان ڪو آهي، ڪنهن کي فرمايائون: ڏسو! هتي ڇا آهي؟ 2، 4 ماڻهو اٿيا، ڏٺائون تہ هڪ شخص هو جنهن جي هٿ ۾ ننگي تلوار هئي، ان کي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو، پاڻ پڇيائون: توهان ڇا ٿا چاهيو...؟ چيائين: مان اوهان

کي قتل ڪرڻ چاهيان ٿو. فرمايائون: ڇا جي ڪري؟ چوڻ لڳو: جنهن شخص کي اوهان يمن جو گورنر بڻايو آهي، ان مون تي ظلم ڪيو آهي(ڇوته اهو اوهان جو ئي مقرر ڪيل آهي، تنهنڪري مون کي اوهان تي ڪاوڙ هئي). پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه نهايت پيار سان فرمايائون: پوءِ توهان کي ته ان گورنر جي مون وٽ شڪايت ڪرڻ گهرجي ها، جيڪڏهن مان انصاف نه ڪيان ها ته پوءِ توهان مون تي ڪاوڙ ڪيو ها(پر تو ته پهريان ئي قتل ڪرڻ جو اِرادو بڻائي ورتو؟). پوءِ پاڻ آسپاس جي ماڻهن کي فرمايائون: توهان ڇا ٿا چئو؟ هن شخص سان ڪهڙو معاملو ڪيو وڃي؟ سڀني چيو: اي اميرالمؤمنين! هي اوهان جو دشمن آهي، الله پاڪ اوهان کي اُن تي قابو ڏنو آهي(يعني هن کي سخت سزا ڏني وڃي!) پر قربان وڃو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عنه دشمنن کي به معاف فرمائڻ وارا هئا، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه فرمايائون: هن گناه ڪرڻ جو اِرادو ڪيو هو پر الله پاڪ مون کي ان کان بچائي ورتو. هي چئي ڪري سندن ان شخص کي مُعاف فرمائي ڇڏيو.[(1)]

سُبْحٰنَ الله! ڇا ته شان آهي...!! حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه پنهنجي جاني دشمن کي معاف ڪري رهيا آهن. افسوس! اسان وٽ ماڻهو ننڍين ننڍين غلطين کي به معاف ناهن ڪندا، ڳالهه ڳالهه تي ضد ڪندا آهن، ڪاوڙ ڏيکاريندا آهن، دل ۾ دشمني رکندا آهن، بلڪ سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻ جو رواج آهي، يعني سامهون وارو جيڪا تڪليف پهچائي، اسان ان کان وڌيڪ گهڻي تڪليف ڏيندا آهيون. ڪاش! اسان کي سمجهه اچي وڃي، معاف ڪرڻ الله پاڪ جي سنت آهي، امامُ الانبياء صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنت آهي، ۽ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو طريقو آهي. جيڪو معاف ڪندو آهي، اهو معافي ماڻيندو آهي.

## حساب ۾ آساني جا 3 سبب

---

[1]... تاريخ مدينه منوره لابن شيبة، جز:3، القسم الثالث عثمان بن عفان رَضِیَ اللہُ عنه، صفحه:1027و1028۔

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عنه کان مروي آهي، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: 3 ڳالهيون جنهن شخص ۾ هونديون الله پاڪ(قيامت جي ڏينهن) ان جو حساب تمام آسان طريقي سان وٺندو ۽ ان کي پنهنجي رحمت سان جنت ۾ داخل فرمائيندو. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهم عرض ڪيو: يارسول الله! اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟ فرمايائون: (1) جيڪو توهان کي محروم ڪري توهان ان کي عطا ڪيو ۽ (2) جيڪو توهان کان تعلّق ٽوڙي توهان ان کان تعلق جوڙيو ۽ (3) جيڪو توهان تي ظلم ڪري توهان اُن کي مُعاف ڪيو.[1]

## جنّت جو محل

حضرت اُبَي بن ڪعب رَضِيَ اللهُ عنه کان روايت آهي تہ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن کي اهو پسند هجي تہ اُن جي لاءِ(جنت ۾) محل بڻايو وڃي ۽ اُن جا درجا بلند ڪيا وڃن، اُن کي گهرجي تہ جيڪو اُن تي ظلم ڪري هي اُن کي مُعاف ڪري ۽ جيڪو اُن کي محروم ڪري هي اُن کي عطا ڪري ۽ جيڪو اُن کان تعلق ٽوڙي هي ان کان تعلق جوڙي.[2]

ہم نے خطا میں نہ کی تم نے عطا میں نہ کی
کوئی کمی سرورا تم پہ کروڑوں دُرود

## بهترين واپاري

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنۡه جي پياري اخلاق مان هي بہ آهي تہ سندن معاملن ۾ آساني فرمائڻ وارا هئا. مسندِ امام احمد ۾ روايت آهي: هڪ ڀيرو حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنۡه هڪ شخص کان زمين خريد ڪئي،

[1]... معجم اوسط، باب الميم، من اسمه محمد، جلد:4، صفحہ:18، حديث:5064۔

[2]... (اَلْمُستَدرَک لِلْحاکم ج۳ ص۱۲ حديث ۳۲۱۵ دارالمعرفة بيروت ))۔

هاڻي اُن شخص سودو نہ ڪري ورتو پر پئسا نہ ورتا. ڪافي ڏينهن گذري ويا، سو حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ پاڻ ان وٽ تشريف ڪٽي ويا، فرمايائون: زمين جي قيمت ڇو نٿا وٺو؟ ان عرض ڪيو: سائين! مون کي تہ ڌوکو ٿي ويو آهي، ماڻهو مون کي ملامت ڪن ٿا(مثال طور چون ٿا تہ تو تمام سستي زمين وڪٽي ڇڏي آهي). حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمايو: ڇا! انهيءَ ڪري سودو مڪمل نہ پيا ڪيو. چيائين: جي ها. فرمايائون: توهان کي زمين ۽ مال ۾ اختيار آهي، چاهيو تہ سودو ختم ڪيو! چاهيو تہ رقم واپس وٺو. مون رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو آهي: اَدْخَلَ اللّٰہُ الْجَنَّۃَ رَجُلًا کَانَ سَھْلًا مُشْتَرِیًا وَ بَائِعًا يعني اللّٰه پاڪ اُن ٻانهي کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو آهي جيڪو آسان خريدار ۽ آسان وڪڻڻ وارو هجي.(1)

## قيامت جي ڏينهن مُعافي ماڻڻ جو نسخو

سُبۡحٰنَ اللّٰه! معلوم ٿيو، جيڪو ٻانهو خريدو فروخت ۾ ضدي نہ هجي، آسان معاملو ڪرڻ وارو هجي، اهو جنت جو حقدار آهي ۽ اَلحَمۡدُلِلّٰه! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ خريد و فروخت ۾ آساني فرمائڻ وارا هئا. اسان کي بہ هي وصف اپنائڻ گهرجي، اسان مان تقريباً هر شخص ڪجھ نہ ڪجھ خريد ڪندو يا وڪڻندو ئي آهي. اسان کي گهرجي تہ آسان معاملو ڪيون، ڪجھ ماڻهو ضدي مزاج جا هوندا آهن، خريداري ڪرڻي هجي تہ اٽڪي پوندا آهن، قيمت گهٽ ڪرائڻ ۾ تمام گهڻو بحث ڪندا آهن، هڪ حد تائين سهي آهي بلڪ قيمت گهٽ ڪرائڻ کي سُنت بہ چيو ويو آهي پر اُن تي ضد ڪري ويهي رهڻ، هي مُروّت جي خلاف آهي، انهيءَ طرح ڪجھ دڪاندار ضدي قسم جا هوندا آهن، لکي ڪري لڳائي ڇڏيندا آهن: خريد ڪيل سامان جي واپسي نہ ٿيندي. اُن ۾ ڪجھ گنجائش رکڻ گهرجي. حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي، مالڪِ

---

[1]... نسائی،کتاب البیوع، حسن المعاملة والرفق فی المطالبة، صفحہ:754، حدیث:4705۔

جنت رسول رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن شخص ڪنهن مسلمان ڪان اِقالہ ڪيو (يعني مسلمان ڪان وڪرو ٿيل سامان واپس ورتو)، قيامت جي ڏينهن اللّٰه پاڪ ان جي غلطي کي مُعاف ڪندو.[1]

خريد و فروخت وغيره ڪندي وقت ٻن شخصن جي وچ ۾ جيڪو عقد (يعني پاڻ ۾ سودو طئي) ٿيندو آهي، ان کي ختم ڪرڻ کي اِقالہ چئبو آهي. شريعت ان جا باقاعده قاعدا ۽ قانون رکيا آهن، جيڪي بہ ڪا شيءِ خريد ڪن يا وڪرو ڪن تن کي ان جا احڪام سکڻ گهرجن، ان جي لاءِ بهارِ شريعت جو يارهون حصو پڙهي وٺو! ۽ مدني چينل تي هلڻ وارو سلسلو "تجارت جا احڪام" ڏسو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ ساري ديني معلومات حاصل ٿيندي. اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن ڪريم جي محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! سيپارو 23، سورت زُمَر، آيت:9 ۾ اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ اٰنَآءَ الَّيْلِ سَاجِدًا وَّ قَآىٕمًا يَّحْذَرُ الْاٰخِرَةَ وَ يَرْجُوْا رَحْمَةَ رَبِّهٖ ؕ (پاره23،الزمر:9) | ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا اهو شخص جيڪو سجدي ۽ قيام جي حالت ۾ رات جون گهڙيون فرمانبرداري ۾ گذاري ٿو، آخرت کان ڊڄي ٿو ۽ پنهنجي رب جي رحمت جي اميد لڳائي رکي ٿو. |

هڪ قول جي مطابق هي آيت سڳوري مسلمانن جي ٽئين خليفي اَميرالمؤمنين حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي شان ۾ نازل ٿي.[2] ۽ هن آيت ۾

[1]... ابن ماجه،ڪتاب التجارات،باب الاقالة، صفحه:352، حديث:2199۔
[2] صراطُ الجنان، پاره:23، الزمر، تحت الآيہ:9، جلد:8، صفحه:438-439ماخوذاً۔

پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه جون 3 خوبيون بيان ٿيون آهن (1) حضرت عثمانِ غنيرَضِيَ اللهُ عَنْه رات جو ڪثرت سان سجدا ڪرڻ وارا، نمازون پڙهڻ وارا هئا (2) حضرت عثمانِ غنيرَضِيَ اللهُ عَنْه آخرت کان گهڻو ڊڄڻ وارا هئا (3) حضرت عثمانِ غنيرَضِيَ اللهُ عَنْه الله پاڪ جي رحمت مان تمام گهڻي اُمّيد رکڻ وارا هئا.

حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جي زوجه محترمه فرمائن ٿيون: پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه سڄي رات عبادت ڪندا هئا ۽ هڪ رڪعت ۾ پوري قرآن جي تلاوت ڪندا هئا.[1]

حضرت زُبَير بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: اَميرالمُؤمنين حضرت عثمانِ غنيرَضِيَ اللهُ عَنْه هميشه روزا رکندا هئا، رات جو ڪجهه دير آرام ڪندا هئا، پوءِ سڄي رات عبادت ۾ گذاري ڇڏيندا هئا،[2]

حضرت عبدالرحمٰن تيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ رات مان ڪعبي شريف جي ويجهو هيس، مون عشاء جي نماز پڙهي، پوءِ مقامِ ابراهيم وٽ بيهي رهيس، ايتري ۾ اَميرالمؤمنين حضرت عثمانِ غنيرَضِيَ اللهُ عَنْه تشريف کڻي آيا، سندن سورت فاتحه کان قرآنِ ڪريم جي تلاوت شروع ڪئي ۽ تلاوت ڪندا ويا، ڪندا ويا، ايستائين جو سڄو قرآنِ ڪريم مڪمل ختم ڪري ڇڏيو.[3]

ڪاش! امير المؤمنين حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جي صدقي قرآنِ ڪريم جي محبت نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان به ڏينهن رات قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جا پيارا پيارا اخلاق ٻُڌا ❁ پاڻ مضبوط ايمان وارا هئا، سڄي زندگي تقوا اختيار ڪئي ❁ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بي قرار رهڻ وارا هئا ❁ دنيا

[1] الزہد امام احمد، زُہد:عثمان بن عفان، صفحہ:105، حديث:673
[2] مصنف ابن ابی شيبہ، کتاب:صلاۃ التطوع، باب :بقيام الليل، جلد:2، صفحہ:173، حديث:6۔
[3] زُہد لابن المبارک، باب:فضل ذکر اللہ، صفحہ:452، حديث:1276خلاصۃً۔

كان بي رغبتي رکڻ وارا هئا ❁ مُعاف فرمائڻ وارا هئا ❁ بهترين تاجر هئا، خريد و فروخت ۾ آسان معاملو فرمائڻ وارا هئا ❁ نيڪ هئا، عبادت گذار هئا❁ ڪثرت سان نفل پڙهڻ وارا ❁ تلاوتِ قرآنِ مجيد ڪرڻ وارا هئا.

ان ڪان علاوه بہ سندن ڪوڙ سارا پيارا پيارا اخلاق آهن، الله پاڪ اسان ڪي بہ اهڙا پاڪيزه اخلاق اپنائڻ جي توفيق نصيب فرمائي. 18 ذوالحج يومِ عثمان غني آهي. هن ڏينهن تي گهرن ۾، دڪانن تي، دفترن وغيره ۾ سندن لاءِ ايصال ثواب جو اهتمام ڪيو! شيخ طريقت امير اهل سنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو نهايت ئي پيارو رسالو آهي: ڪراماتِ عثمان غني. هي رسالو مڪتبة المدينہ تان طلب فرمايو! يا دعوت اسلامي جي ويب سائٹ www.dawateislami.net تان ڈائون لوڈ ڪيو! پاڻ بہ پڙهو! گهر وارن ڪي بہ پڙهي ٻڌايو! يومِ عثمانِ غني جي موقعي تي هن رسالي جو درس ڏيو! دوست احباب ڪي بہ پڙهڻ جو ذهن ڏيو! ممڪن هجي تہ هي رسالو تقسيم ڪري ثواب ڪمايو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! فيضانِ عثمانِ غني نصيب ٿيندو. الله پاڪ اسان ڪي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني ڪورس

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمْدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي علمِ دين جو نور ورهائڻ واري تحريڪ آهي. جيڪا علمِ دين کي عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. دعوت اسلامي جي اها ڪوشش آهي تہ مسلمان گهٽ ۾ گهٽ فرض علمِ دين جيئن وضو، غُسل، نماز، روزو، زڪوات وغيره جا ضروري مسئلا سکي وٺن. اوهان بہ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم

مدني ڪورسز به آهي.

اَلحَمْدُلِلّٰه! دعوت اسلامي جي تحت ڪيئي شارٽ ڪورس ڪرايا ويندا آهن مثلاً❁ 7 ڏينهن جو فيضانِ نماز ڪورس ❁ 7 ڏينهن جو 12 ديني ڪمن جو ڪورس ❁ 7 ڏينهن جو اصلاحِ اعمال ڪورس وغيرها.❁ هن ديني ڪم ۾ شرڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو. ❁ دين سکنداسين ته الله پاڪ راضي ٿيندو. ❁رزق ۾ برڪت ٿيندي، ❁علمِ دين جو خزانو ملندو. ❁نيڪين جو ذهن بڻجندو. ❁الله پاڪ جي عبادت صحيح انداز سان ڪري سگهنداسين ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! ڪرم ئي ڪرم ٿيندو. ❁ پوءِ ديني ماحول به ملندو. ❁نيڪ ماڻهن جي صحبت به نصيب ٿيندي، ان جون پنهنجون برڪتون آهن.

## بگڙيل پٽ نيڪ ٿي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اسان جي علائقي جو هڪ نوجوان جيڪو والدين جو اڪيلو پٽ هو، خراب صحبت جي ڪري چرس جو عادي ٿي ويو، گهر کان ٻاهر رهڻ سندس معمول هو، جنهن ڪري سندس والدين ڏاڍا پريشان هئا. هڪ ڏينهن هڪ اسلامي ڀاءُ ان نوجوان کي سمجهائيندي ان کي 63 ڏينهن جي مدني تربيت ڪورس ڪرڻ جي ترغيب ڏني. خوش قسمتي سان ان قبولي ورتي ۽ تربيت واري ڪورس ۾ شامل ٿي ويو.

الحمدلله! ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ان نوجوان جو پنهنجي گهر فون آيو ته تربيت واري ڪورس ۾ وڏو لطف اچي رهيو آهي، وڏيڪ اهو ته مون پنهنجي سيني گناهن کان توبه ڪري ورتي آهي، هاڻي مان جماعت سان نمازون ادا ڪري رهيو آهيان، سنتون سکي رهيو آهيان

۾ مون کي گهڻو سڪون مليو رهيو آهي. الحمد ﷲ! مدني تربيت واري ڪورس ڪان واپسي تي هو واقعي بدلجي چڪو هو. چهري تي ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامو سجيل هو. اسلامي ڀاءُ وڌيڪ اهو به چيو ته ان نوجوان جي والده روئي روئي دعوتِ اسلامي وارن لاءِ دعائون ڪندي آهي ته الله پاڪ انهن کي سلامت رکي جو انهن جي ڪوشش سان منهنجو بگڙيل پٽ نيڪ ٿي ويو.

| | |
|---|---|
| عطائے حبیبِ خدا دِینی ماحول | ہے فیضانِ غوث و رضا دِینی ماحول |
| اگر سنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ | تم آجاؤ دیگا سکھا دِینی ماحول[1] |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## فيضانِ حديث موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمْدُلِلّٰهِ! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي به مختلف انداز سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، ان سلسلي ۾ اَلحَمْدُلِلّٰهِ! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرفان تمام پياري، نرالي ۽ نهايت فائدي مند موبائل ايپلي ڪيشن بنام ”فيضانِ حديث“ Play Store ۽ App Store تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ حديثِ پاڪ جو تمام گهڻو پڙهيو ويندڙ ڪتابُ مِشْكٰوةُ الْمَصَابِيح ۽ ان جي آسان اردو شرح مِراٰةُ المناجِيح شامل آهي ان ڪان علاوه فيضانِ رياض الصالحين،اَرْبَعِينِ حنفيه ،منتخب حديثين ۽ اَرْبعينِ نوويه به شامل آهن.

**ڪجھ اهم خصوصيتون:** * هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان مبارڪ حديثن کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) به پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهرج جي موضوع جو مطالعو به

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:646۔

ڪري سگهو ٿا * سرچ آپشن بہ موجود آهي، جنهن جي مدد سان توهان مڪمل ڪتاب ۾ يا هڪ حديث ۾ مختلف الفاظ ۽ مڪمل جملو بہ سرچ ڪري سگهو ٿا * اهڙيءَ طرح حديث پاڪ جا عربي الفاظ، ان جا ترجما ۽ شرح ۾ الڳ الڳ بہ سرچ ڪري سگهجي ٿو * عُلماءِ ڪرام ۽ طلباء جي لاءِ هن ۾ حديثِ پاڪ جو عربي مَتن اعراب سان گڏ ۽ بنا اعراب جي، ٻنهي طرح ڏسڻ جي سهولت موجود آهي * مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ جي لاءِ پسنديده حديثن کي Favorite ڪرڻ جو آپشن بہ ڏنو ويو آهي * اهڙيءَ طرح هن ايپلي ڪيشن ۾ مختلف فائونٽ ۽ * حديثون شيئرنگ جي سهولت بہ ڏني وئي آهي.

اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪيو! پاڻ بہ حديثِ پاڪ جو فيضان لُٽيو! ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

هر هفتي امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ مدني چينل تي لائيو هفتہ وار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، اچڻ واري هفتي تي بہ عشاء جي نماز کان بعد مدني چينل تي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت امير اهل سنت مولانا الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. تمام ذِمَّہ دار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين ۞ شيخ طريقت امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، اچڻ واري هفتي مدني مذاڪري ۾ رسالو "**فيضان ابو عطار**" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثلاً واٽس اپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين کي بہ شيئر ڪيو! ۞ امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ

الْعَالِيہ جو هڪ نهايت پيارو رسالو ”ڪراماتِ عثمانِ غني“ جنهن ۾ پاڻ مسلمانن جي ٽئين خليفي اميرالمؤمنين حضرت عثمانِ غني جي سيرت مُبارڪ جي مختلف پهلوئن کي بيان ڪيو آهي. هي رسالو مکتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 25 روپيا قيمت ڏئي خريد ڪري سگهجي ٿو. اَج ئي هي رسالو خريد ڪيو! پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْبِ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِىْ فَقَدْ اَحَبَّنِىْ وَمَنْ اَحَبَّنِىْ كَانَ مَعِىْ فِى الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گوشت کائڻ سنت آهي

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1) گوشت دنيا ۽ آخرت جي کاڌن جو سردار آهي. [2] (2) گوشت کي ڇُري سان ڪٽي ڪري نہ (بلڪ ڏندن سان) پٽي ڪري کائو، اهو گهڻو وڻندڙ آهي. [3]

پيارا اسلامي ڀائرو! حلال گوشت کائڻ بہ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي، عالم سڳورا فرمائن ٿا: گوشت پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! جو پسنديده کاڌو

---

1…مشكوٰة،كتابُ:الْإِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔

2…معجم اوسط، جلد:7، صفحه:271۔

3…ابو داود، كتاب الاطعمة، باب فی اكل اللحم، صفحه:597، حديث:3778۔

هو.[1] ❁ ٻڪري، مرغي، اٺ، خرگوش(سَهو)، ۾ مڇي جو گوشت کائڻ، آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ثابت آهي.[2] ❁ پاڪ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ٻڪري جو ڪنڌ،[3] ٻازو(يعني اڳين ٽنگهن)،[4] ۾ ران جو گوشت کائڻ پسند هو.[5]

**گوشت جا فائدا ۽ احتياطون:** ❁ علامہ احمد بن محمد قسطلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: ٻڪري جو هلڪو گوشت: ڳچيءَ، ٽنگهن ۾ ڪنڌ جو هوندو آهي اهو معدي جي لاءِ هلڪو ۾ جلدي هضم ٿئي ويندو آهي.[6] ❁ گوشت جسم کي پروٽين، آئرن، وٽامن *B* وغيره فراهم ڪندو آهي ۾ وٽامن*A* ۾ *B* هڏين، ڏندن، اکين، دماغ ۾ جلد جي لاءِ فائيدي مند آهي[7] ❁ گوشت رت کي صاف ڪندو ❁ 70 قوتون وڌائيندو آهي ❁ ۾ ان جي کائڻ سان عقل وڌندي آهي[8] ❁ گوشت ٻُڌڻ جي طاقت وڌائيندو آهي[9] ❁ البت تمام گهڻو گوشت کائڻ کان بچڻ گهرجي ڇو ته گهڻو گوشت کائڻ دل جي سختي جو سبب آهي[10] ۞ان جو گهڻو استعمال ڪينسر، دل جي مرضن، ذيابيطس، معدي ۾ جگر جي بيمارين جو سبب ٻڻجي سگهي ٿو ۞ بالغ ماڻهن کي ڏينهن ۾ 70 گرام جڏهن ته هفتي ۾ 500 گرام يعني اڌ ڪلو گوشت کائڻ گهرجي. هفتي ۾ ٽي يا ان کان وڌيڪ ڀيرا گوشت

---

[1]…المواہب اللدنیہ، المقصد الثالث، الفصل الثالث…الخ، النوع الاول…الخ، جلد:2، صفحہ:128 ۔

[2]…المواہب اللدنیہ، المقصد الثالث، الفصل الثالث…الخ، النوع الاول…الخ، جلد:2، صفحہ:130 ۔

[3]…مسند امام احمد، مسند النساء، جلد:11، صفحہ:168، حدیث:27790۔

[4]…ترمذی، کتب الاطعمة، باب ماجاء ای اللحم…الخ، صفحہ:455، حدیث:1837۔

[5]…بخاری، کتاب احادیث الانبیا، باب قول اللہ تعالی وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا…الخ، صفحہ:851، حدیث:3340۔

[6]… المواہب اللدنیہ، المقصد الثالث، الفصل الثالث…الخ، النوع الاول…الخ، جلد:2، صفحہ:129 ۔

[7]… ماہنامہ فیضان مدینہ، اگست 2019، صفحہ:53۔

[8]…مدارج النبوة، باب یاز دہم در عبادات و طعام و شراب وغیرہ، جز:1، صفحہ:458 ملتقطاً۔

[9]…اتحاف السادة المتقین، کتاب اداب المعیشة…الخ، بیان ادابہ…الخ، جلد:8، صفحہ:238 ۔

[10]…مدارج النبوۃ، باب یازدہم در عبادات وطعام وشراب وغیرہ، جز:1، صفحہ:458 ۔

ڪائڻ وارن ماڻهن ۾ مختلف بيمارين جا امڪان وڌي ويندا آهن. (1)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (١) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَ صَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (2)

1... ماہنامہ فيضان مدينہ، اگست 2019، صفحہ:54۔

2...اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحہ:151، خلاصةً۔

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. (1)

## (3) رَحمت جا ستّر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (2)

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (3)

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

---

[1]…اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحه:65۔

[2]…قَوْلُ البَدِيْع، باب ثانی، صفحه:277۔

[3]…اَفْضَلُ الصلاة، صفحه:149۔

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

---

[1]…قَوْلُ البَدِيْع، باب اَوّل، صفحہ:125۔

[2]…الترغيب والترهيب، كِتَابُ الذِّكْر والدُّعَاء، جلد:2، صفحہ:329، حديث:30۔

[3]…مَجْمَعُ الزَّوائِد، كِتَابُ الْاَدْعِيَہ، جلد:10، صفحہ:254، حديث:17305۔

(خداءِ حليم و ڪريم ڪان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...تاريخ اِبْنِ عَسَاڪِر، جلد:19، صفحه:155، حديث:4415۔